سنڌي ميڊيم طلباء کيلئے

# بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

سيڪنڊري اسڪول سرٽيفيڪيٽ امتحان

## ماڊل پيپر 2023ع

## سنڌي نارمل ڪورس (لازمي)

ڪلاس نائون - جنرل گروپ

وقت: ٽي ڪلاڪ — **ڪل مارڪون: 75**

### حصو "الف" (گهڻ چونڊائتا سوال) 20%

وقت: 30 منٽ — مارڪون:15

1. نوٽ: هن حصي مان 15 MCQs ڏنا ويندا. هر هڪ سوال هڪ مارڪ جو آهي.
MCQs تمام سبقن ۽ نظمن مان ڏنا ويندا.

**Main Paper**

وقت: اڍائي ڪلاڪ — ڪل مارڪون:60

### حصو "ب" (مختصر جواب جا سوال) 40% — 30 مارڪون

2. هيٺين سوالن مان ڪن به پنجن جا جواب لکو:- 10

(i) اسلام انسانيت بابت اسان کي ڇا ٿو سيکاري؟

(ii) ملڪي وسيلن کي ڪيئن صحيح نموني استعمال ڪري سگهجي ٿو؟

(iii) مخدوم ابوالحسن جي ڪتاب جو نالو ڇا آهي؟

(iv) پاڙي بابت ڪهڙي چوڻي مشهور آهي؟

(v) جمشيد نسروانجي جي ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جي آبادي گهڻي هئي؟

(vi) نانگ جي ڏنگ جي جاءِ تي ڇير ڇو ڏنو ويندو آهي؟

(vii) بچت ڪرڻ مان ڪهڙا فائدا آهن؟

(viii) سيد ثابت علي شاهه جا وڏا اصل ڪٿان جا هئا؟

(ix) محمد صديق مسافر ڪڏهن وفات ڪئي؟

3. هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به چئن کي جملن ۾ استعمال ڪريو:- 4
سهائتا - ڪارڻ - واڪاڻ - جديد - آرامگاهه - ڳجهه - ويچا

4.(الف) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به ٽن جا ضد لکو:- 3
آمريت ، لائق ، اوير ، فائدو ، سخي ، گرمي، سهڻو ، هيٺ

(ب) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به ٽن جا واحد يا جمع لکو:- 3
قومون ، مُلڪ ، بازار ، قصو ، ساٿي ، ميوا

(ج) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به ٽن جامذڪر يا مونث لکو:- 3
سهرو ، ڏاگهو ، جهرڪي ، هاٿي ، استادياڻي ، قاضي

(د) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن به چئن جا اشتقاق لکو:- 4
ڏهيسر ، صورتحال ، ابوجهه ، عاليشان ، اهل بيت ، سرانجام، دولتمند ، سلڇڻو

(هلندڙ)

5. (الف) هيٺين مان ڪن ٻہ ٽن اصطلاحن جي معنيٰ لکو:- 3

هٿ تنگ ڻ ، سر جو سانگو ڪرڻ ، چنگ چورڻ ، سِٽ سٽڻ ، پنهنجو مٽ پاڻ هجڻ ، ويچا وسارڻ

يا

هي پيراگراف پڙهي هيٺ ڏنل سوالن جا جواب لکو:

انگريزن سنڌي زبان لاءِ هڪ پاليسي ناهي جنهن هيٺ تعليم لاءِ مادري زبان کي اهميت ڏني وئي. سنڌيءَ لاءِ هڪ رسم الخط مقرر ڪرڻ لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي. جنهن 1853ع ۾ هڪ رسم الخط منظور ڪيو، جيڪو اڄ بہ رائج آهي.

(i) سنڌي زبان لاءِ هڪ پاليسي ڪهڙي دؤر ۾ ناهي وئي؟

(ii) سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط ڪهڙي سن ۾ منظور ڪئي وئي؟

(iii) تعليم لاءِ ڪهڙي زبان کي اهميت ڏني وئي؟

## حصو "ج" (بياني جواب جا سوال) 40% — مارڪون 30

6. هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ عنوان تي مضمون لکو: 6

(i) ساٿيهہ جي سڪ (ii) چانڊوڪي رات (iii) سمنڊ جو سير

7. پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماستر / هيڊماسترياڻيءَ کي اسڪول ۾ راندين جو هفتو ملهائڻ جي اجازت لاءِ درخواست لکو. 5

يا

پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي خط لکي ڪيس ڪرونا وائرس بابت ڄاڻ ڏيو.

8. هيٺين مان ڪن ٻہ ٻن بيتن جي سمجهاڻي ڏيو. شاعر ۽ نظم جو نالو پڻ لکو:- 5

(i) هـــيءَ جواني يار جاني، هيءَ جمعيت هي جمال،
هــي بـــدن تي برهہ باهيون، خواب آهي يا خيال.

(ii) نـــ عــزت هاڻ اشرافن جي محفوظ آهہ اي يارو،
وڏن تي ڇا ميار آهي، جو ننڍڙا ٻار مٽجي ويا.!

(iii) ڪـــا ڪمائي ڪر هِتي هُت آهي عملن جي پڇا،
نيڪ بـــد آهي اصل روزِ جـــزا جـــي واسطي.

(iv) اڪـــر پـــڙهہ الف جـــو، ٻيا ورق سڀ وسار،
انـــدر تـــون اجـــار، پنا پـــڙهندين ڪيترا.

يا

هيٺ ڏنل بند جي سمجهاڻي لکي ان جي شاعر ۽ نظم جو نالو پڻ لکو:-

سارِيـــم اڄ سنگهار، جـــن ڏني مون ڏينهن ٿيا!
سي هي لڪ لنگهي پيهي ويا، پانور منجهہ پهنوار،
هٺي وينا پـــڪڙا، هت ســـڪ تـــي اجـــڙ وار،
جـــن جـــي ساهہ سنيار، سي اڄ پهنوار پري ٿيا!

9. (الف) هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ سبق جو خلاصو لکو يا مرڪزي خيال لکو:- 5

(i) گنجي ٽڪر جو سير (ii) شخصيت ۽ لباس (iii) قومي اتحاد

(ب) هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ نظم جو مرڪزي خيال شاعر جي حوالي سان لکو: 5

(i) غريبن جي جهوپڙي (ii) سينگار وطن (iii) سچائي جو انعام

(ج) هيٺين مان ڪن بہ ٻن جي وصف لکي مثال ڏيو: 4

(i) حرف جر (ii) حرف ندا (iii) ضمير